


قرآني بيان

# تنهنجي نُوراني چهَري جو قسم

(سيپارو: 30 سورت الضحيٰ)

**29-August-2025**

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۽ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)
جي تحت مسجدن جي لاءِ

## جمعة المبارڪ جو

(For Islamic Brothers)

مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
29 آگسٽ 2025ع (متوقع اسلامي تاريخ 4 ربيع الاول، 1447ھ) جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

(سيپارو: 30 سورت الضُّحيٰ):

# تنهنجي نُوراني چِهري جو قسم

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿.. سورت والضُّحيٰ کي خواب ۾ ڏسڻ جي تعبير.......

✿.. سورت والضُّحيٰ جو شانِ نُزُول........

✿.. عفوءِ ڪَرم جا ڪجھ مثال......

✿.. ايمان دل ۾ گهر ڪري ويو .....؟

پیشکش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ ط وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ اللّٰه وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَیْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِکَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درودِ پاڪ جي فضيلت

شفاعت فرمائڻ واري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو مون تي صبح ۽ شام 10، 10 دفعا درود پاڪ پڙهندو، ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت نصيب ٿيندي. (1)

ہمیں جائیں گے خُلد میں سب سے پہلے نبی کے ہیں ہم اور جنّت نبی کی
بنائے گئے ہم شفاعت کی خاطر ہمارے لئے ہے شفاعت نبی کی (2)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰی فِی الْقُرْاٰنِ الْكَرِیْم (الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ ارشاد فرمايو آهي):

وَ الضُّحٰی ۙ﴿۱﴾ وَ الَّیْلِ اِذَا سَجٰی ۙ﴿۲﴾ (پارو:30، سورة الضحیٰ:1، 2)

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِیْم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِیُّ الْكَرِیْم صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# سورت وَالضُّحٰی جو تعارف ۽ فضيلتون

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان پارو:30، سورت وَالضُّحٰی جون پهريون ٻه آيتون

[1] ترغيب وترهيب، ڪتاب: نوافِل، صفحه:223، حديث:29.
[2] قبالهٔ بخشش، صفحه:313.

ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي. سورت والضُّحٰی مڪي سورت آهي، يعني هيءَ مبارڪ سورت هجرت کان اڳ مڪي مڪرمه ۾ نازل ٿي. هن ۾ صرف هڪ رڪوع، **11** آيتون، **40** لفظ ۽ **172** حرف آهن.(1)

سورت والضُّحٰی جي هڪ خاصيت اها آهي ته هيءَ مڪمل سورت اسان جي آقا و مولیٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ساراهه تي مشتمل آهي ۞ هن مبارڪ سورت ۾ مصطفيٰ جي چهري جو ذڪر آهي ۞ مصطفيٰ جي زلفن جو ذڪر آهي ۞ مصطفيٰ جي محبوبيت جو ذڪر آهي ۞ مصطفيٰ جي شفاعت جو ذڪر آهي ۞ مصطفيٰ جي وصفن ۽ ڪمالات جو ذڪر آهي ۞ هن سورت ۾ اها به ڳالهه ڪئي وئي آهي ته:

خُدا کی رضا چاہتے ہیں دو عالَم | خُدا چاہتا ہے رضائے مُحَمَّد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) (2)

۞ ۽ اسان غريبن لاءِ هڪ ٻي فائدي واري ڳالهه عرض ڪريان ته، هن سورت مبارڪ جي آخر ۾ ربِ ڪائنات پنهنجي محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ارشاد فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| وَ اَمَّا السَّآئِلَ فَلَا تَنْهَرْ ﴿۱۰﴾ (پارو:30، سورة الضحیٰ:10 ) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ ڪنهن به صورت ۾ گُهرڻ واري کي نه جهڙڪِ. |

سُبْحٰنَ الله! ڪيڏي نه پياري ڳالهه آهي. عاشقِ ماهِ رسالت، اعلیٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن آيت ڏانهن اشارو ڪندي لکن ٿا:

مؤمن ہوں مؤمنوں پہ رؤوف و رحیم ہو | سائل ہوں سائلوں کو خوشی لانہر کی ہے(3)

**وضاحت:** يعني، اي منهنجا پيارا آقا، اي رسولِ خدا! اي ٻنهي جهانن جا سردار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مون کي تمام گهڻو فخر آهي، ڪهڙي ڳالهه تي؟ ان تي ته

---

[1]…تفسير خزائن العرفان، پاره:30، سورة الضحیٰ،صفحه:1107۔

[2]…حدائق بخشش، صفحه:65۔

[3]… حدائق بخشش، صفحه:212۔

مان مؤمن آهيان ۽ رب ڪريم فرمايو آهي تہ اوهان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مؤمنن تي تمام گهڻو مهربان ۽ رحم ڪرڻ وارا آهيو. هڪ ٻي ڳالهہ تي بہ مون کي فخر آهي تہ مان توهان جي پاڪ در جو سوالي آهيان ۽ جيڪو توهان جي در جو سوالي هوندو آهي، ان کي اهو اطمينان هوندو آهي تہ توهان جي رب رحمٰن توهان کي حڪم ڏنو آهي تہ، اي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جيڪڏهن اوهان وٽ ڪو سوالي اچي تہ ان کي جِهڙڪِڻو نہ آهي، خالي نہ موٽائڻو آهي، پر جيڪو بہ سائل تي اچي، ان جي جهولي ڀري موڪلڻو آهي.

مرادیں مِل رہی ہیں شاد شاد اُن کا سُوالی ہے
لبوں پر التجا ہے ہاتھ میں روضہ کی جالی ہے
بشر ہو یا مَلَک جو ہے ترے دَر کا سُوالی ہے
تری سرکار والا ہے ترا دربار عالی ہے
فقیرو! بے نواؤ! اپنی اپنی جھولیاں بھر لو
کہ باڑا بٹ رہا ہے فیض پر سرکارِ عالی ہے
نکالا کب کسی کو بزمِ فیضِ عام سے تُو نے
نکالی ہے تو آنے والوں کی حسرت نِکالی ہے
وہی والی، وہی آقا، وہی وارِث، وہی مولیٰ
میں ان کے صدقے جاؤں اور میرا کون والی ہے (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## سورت وَالضُّحٰی کي خواب ۾ ڏسڻ جي تعبير

سُبْحٰنَ اللّٰه! معلوم ٿيو تہ هن مبارڪ سورت ۾ مصطفيٰ جي سخاوت جو بہ بيان آهي، بلڪ جيڪڏهن اشارن جي لحاظ کان ڏِسجي تہ **هيءَ سورت سخاوت جي علامت آهي** ۞ علمِ تعبير جا تمام وڏا امام، امام ابن سيرين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: جيڪو شخص خواب ۾ ڏسي تہ هو سورت وَالضُّحٰی جي تلاوت ڪري

1...ذوقِ نعت، صفحہ:230-231 -233 ملتقطًا۔

رهيو آهي تہ اهو ان ڳالهہ جو دليل آهي تہ هُو سخِي ٿيندو ۽ سائلن کي خيرات سان نوازيندو ۞ امام جعفر صادق رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: جيڪو شخص خواب ۾ سورة والضُّحٰی پڙهي، اها نشاني آهي تہ ڪيس غريبن سان محبت ٿيندي.[1]

ترے جود و کرم کا کوئی اندازہ کرے کیونکر
ترا اِک اِک گدا فیض و سخاوت میں ہے حاتِم سا ( 2 )

**وضاحت:** حاتم عرب جو هڪ شخص هو، جنهن جي سخاوت تمام گهڻو مشهور آهي. مولانا حسن رضا خان صاحب رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ عرض ڪري رهيا آهن: يارسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! توهان جي سخاوت ۽ ڪرم نوازين جو ڪو اندازو ڪيئن لڳائي سگهي ٿو؟ ڇاڪاڻ تہ توهان جي در جا گداگر بہ حاتم جهڙا يا ان کان بہ وڌيڪ سخي هوندا آهن، جڏهن سندن در جي گداگيرن جو اهو حال آهي تہ پاڻ سرڪار اعظم، نور مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سخاوت ڪيتري نہ اعليٰ هوندي ...!!

## وڇڙيلن کي ملائڻ واري سورت

پيارا اسلامي ڀائرو! سورت والضُّحٰی شروع کان آخر تائين مڪمل طور مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي تعريف آهي. اسان کي خبر آهي تہ رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اها عظيم الشان هستي آهن ۞ جيڪي رب جي بندن کي رب سان ملائڻ لاءِ تشريف فرما ٿيا آهن ۞ جيڪي گمراهن کي سڌو رستو ڏيکارڻ جي لاءِ آيا آهن ۞ جيڪي دلين ۾ خدا جي ياد وَسائڻ جي لاءِ تشريف ڪٿي آيا آهن، اهڙي طرح سورت والضُّحٰی، جيڪا مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نعت تي سورت مشتمل آهي، الله پاڪ هن سورت ۾ بہ اهو تاثير رکيو آهي تہ اها وِڇڙيلن کي ملائيندي آهي. جي ها! امام محمد بن محمد غزالي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ لکن ٿا: جيڪڏهن ڪا شيءِ گم ٿي وڃي يا ضايع ٿي وڃي تہ ٻانهو سورت والضُّحٰی پڙهي، ان جي گم ٿيل شيءِ ملي ويندي.

1... معجم تفسير الاحلام، حرف السين، سورة الضحیٰ، صفحہ:602۔
2... ذوقِ نعت، صفحہ:78۔

هڪ دفعي اميرالمؤمنين حضرت عمر بن عبد العزيز رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو هڪ غلام ڪيڏانهن ڀڄي ويو ۽ واپس نہ آيو. پاڻ پنهنجي ڪنهن گورنر کي خط لکيو ۽ فرمايو تہ: منهنجو هڪ غلام هتان ڀڄي توهان جي علائقي ڏانهن آيو آهي، ان کي جلدي ڳولهيو!

جيئن تہ اميرالمؤمنين جو حڪم هو، تنهنڪري اهو گورنر تمام گهڻو پريشان ٿيو. هن غلام کي تمام گهڻو ڳولهيو پر هو نہ ملي سگهيو. ان پريشاني جي عالم ۾ ڪنهن کيس صلاح ڏني تہ اوهان سورت وَالضُّحٰی ۽ سورت اَلَمۡ نَشۡرَحۡ جو وظيفو ڪريو! ڀڄي ويل غلام پاڻ ئي اچي ويندو. جنهن تي هُن انهن سورتن جي تلاوت ڪئي تہ ان ئي وقت اهو ڀڄي ويل غلام ڪيس هٿ اچي ويو. (1)

سُبۡحٰنَ الله! معلوم ٿيو تہ هيءَ مبارڪ سورت وِڇڙيلن کي ملائڻ واري آهي. تنهنڪري جڏهن بہ ڪا شيءِ گم ٿي وڃي، ڪوئي عزيز ڪيڏانهن هليو وڃي، گُم ٿي وڃي يا نہ ملي رهيو هجي تہ سورة وَالضُّحٰی جي تلاوت ڪريو! اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡکَرِيۡم! وڇڙي ويل ملي ويندو.

## غفلت کان بچڻ جو هڪ وظيفو

اللّٰه پاڪ اسان کي هن مبارڪ سورت جي بلڪ سموري قرآن ڪريم جي ڪثرت سان تلاوت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. حديث پاڪ ۾ آهي تہ رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو شخص رات جي وقت 10 قرآني آيتن جي تلاوت ڪندو رهندو، ان جو نالو غافلن جي فهرست ۾ نہ لکيو ويندو. (2)

اَلحمدُلِلّٰه! سورت وَالضُّحٰی ۾ 10 نہ پر 11 آيتون آهن. تنهنڪري جيڪڏهن اسان روزانو رات جو سمهڻ کان اڳ سورت وَالضُّحٰی جي تلاوت ڪندا رهون تہ

1...خواص القرآن للغزالي، صفحہ:92 ملتقطًا۔
2... مستدرڪ، ڪتاب فضائل القرآن، باب من قراء عشر...الخ، جلد:2، صفحہ:257، حديث:2084۔

اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! غافلن ۾ شمار ٿيڻ کان بچي وينداسين. الله پاڪ اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

تلاوت کی توفیق دیدے الٰہی | گناہوں کی ہو دور دل سے سیاہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سورة والضُّحٰی جو شانِ نُزُول

پيارا اسلامي ڀائرو! سورت والضُّحٰی جو شانِ نزول ڪجھ هن طرح آهي تہ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن اعلان نبوت فرمايو، تہ ان کان پوءِ ڪجھ عرصي کان پوءِ وحي اچڻ بند ٿي وئي. ان کي **زمانۂ فترت وحي** (يعني وحي جي رڪجي وڃڻ وارو عرصو) چوندا آهن. اهو ڪيترو عرصو هو، ان بابت مختلف روايتون آهن: ڪجھ روايتن ۾ **12** ڏينهن جو ذڪر آهي، ڪِن ۾ **15** ڏينهن، ڪن ۾ **25** ۽ ڪجھ روايتن ۾ **40** ڏينهن جو بہ ذڪر آهي. بهرحال، جڏهن وحي اچڻ بند ٿي وئي تہ غير مسلمن اسان جي آقا و موليٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شانَ ۾ گستاخيون ڪرڻ شروع ڪيون ۞ ڪو چئي رهيو هو: محمد صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رب انهن کي ڇڏي ڏنو آهي ۞ ڪو چئي رهيو هو: محمد صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو رب کانئن ناراض آهي.[1] ۞ ۽ اُمِ جميل، يعني ابولهب جي زال، جيڪا تمام وڏي گستاخ رسول هئي، اُن تہ هن موقعي تي پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي لاءِ انتهائي گستاخانہ لفظ استعمال ڪيا. جنهن تي محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دل مبارڪ کي تمام گھڻو صدمو رَسيو. ان موقعي تي هيءَ مبارڪ سورت نازل ٿي.[2]

الله پاڪ فرمايو:

---

1... تفسير قرطبي، پاره:30، سورة الضحیٰ، زير آيت:1، جز:20، جلد:10، صفحہ:56 بتغير قليل۔
2... بخاري، ڪتاب فضائل القرآن، باب ڪيف نزول الوحي واول ما نزل، صفحہ:1290، حديث:4983۔

وَالضُّحٰى ۙ﴿۱﴾ وَالَّيْلِ اِذَا سَجٰى ۙ﴿۲﴾ مَا وَدَّعَكَ رَبُّكَ وَمَا قَلٰى ؕ﴿۳﴾

ترجمو كنزالعرفان: چڙهندڙ ڏينهن جي وقت جو قسم ۽ رات جو جڏهن اها ڍڪي ڇڏي، تنهنجي رب نہ توکي ڇڏيو ۽ نہ ناپسند ڪيو.

هن ۾ الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تسلي ڏني تہ، اي پيارا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڪافرن جي ڳالهين کي دل ۾ نہ آڻيو! تنهنجي رب نہ توکي ڇڏيو آهي ۽ نہ ئي توکان ناراض ٿيو آهي.

ڀلا محبوب بہ ڪڏهن ڇڏيا ويندا آهن؟ ۞ توهان جو رب، جنهن توهان کي ٻنهي جهانن جو محبوب بڻايو آهي ۞ جنهن دلين ۾ اوهان جي محبت کي اهڙي طرح سمايو آهي جو اوهان جا غلام اوهان جي نالي تي جان ڏيڻ پنهنجي لاءِ فخر سمجهندا آهن ۞ توهان جو رب، جنهن پٿرن کان توهان کي سلام چَوِرايا آهن ۞ وڻن کان توهان جا ڪلما پڙهايا آهن ۞ جانورن کان توهان کي سجدا ڪرايا آهن ۞ جبلن ۾ بہ توهان جي محبت پري ڇڏيائين ۞ توهان جو رب، جنهن توهان جي خاطر هيءَ ڪائنات بڻائي ۞ هزارين سال اڳ عرش تي پنهنجي نالي سان گڏ توهان جو نالو سجايو ۞ جنت جي پَنَ پَنَ تي توهان جو نالو لکيو، ڇا ڀلا اوهان جو اهو رب رحمٰن ۽ رحيم اوهان کان ناراض ٿيندو؟ اهو اوهان کي ڇڏي ڏيندو؟ نہ...!! نہ، اي محبوب! توهان اها هستي نہ آهيو جنهن کان ناراض ٿِجي، توهان اهي نہ آهيو جن کي ڇڏيو وڃي. توهان ئي تہ اُهي آهيو جن جي رِضا ربِ ڪائنات کي مطلوب آهي. توهان ئي تہ آهيو جن جي صدقي ۾ رب ڪريم جي درگاهہ جا ڌِڪاريل مقبول ٿي ويندا آهن.

ڇا تہ خوبصورت چيو آهي مولانا حسن رضا خان صاحب رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه:

عجب پیاری پیاری ہے صُورت کسی کی | ہمیں کیا خُدا کو ہے الفت کسی کی
کسی کو کسی سے ہوئی ہے نہ ہو گی | خُدا کو ہے جتنی محبّت کسی کی
رَفَعْنَا لَکَ ذِکْرَک پر تصدق | سب اونچوں سے اونچی ہے رِفعت کسی کی
فَتَرْضٰی نے ڈالی ہیں باہیں گلے میں | کہ ہو جائے راضِی طبیعت کسی کی (1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... ذوقِ نعت، صفحہ:234-237 ملتقطاً.

# وَالضُّحٰیۙ وَالَّیۡل جي معنيٰ

پيارا اسلامي ڀائرو! اللہ پاڪ فرمايو:

وَ الضُّحٰیۙ ﴿۱﴾ وَ الَّیۡلِ اِذَا سَجٰیۙ ﴿۲﴾

ترجموڪنزالعرفان: چڙهندڙ ڏينهن جي وقت جو قسم ۽ رات جو جڏهن اها ڍڪي ڇڏي.

هي ٻه قَسَم آهن: **(1):** هڪ ضُحيٰ جو قسم ۽ **(2):** ٻيو لَيل جو قسم. لَيل جي معنيٰ آهي رات، ۽ ضُحيٰ جو مطلب آهي چاشت جو وقت. جڏهن سج اڀري ڪجهه مٿي ٿيندو آهي ۽ ان جي روشني زمين تي پکڙجي ويندي آهي، ان وقت کي ضُحيٰ يعني چاشت جو وقت چيو ويندو آهي.[(1)]

## نمازِ چاشت جون فضيلتون

هن وقت جي وڏي فضيلت آهي، حديث پاڪ ۾ آهي: انسان تي سندس هر جوڙ جي بدلي ۾ صدقو آهي (۽ انساني جسم ۾ ڪُل **360** جوڙ آهن) ۞ هر تسبيح صدقو آهي ۞ هر حمد صدقو آهي ۞ لَااِلٰهَ اِلَّا الله چوڻ صدقو آهي ۞ اللهُ اکبر پڙهڻ صدقو آهي ۞ چڱي ڳالهه جو حڪم ڪرڻ صدقو آهي ۞ خراب ڳالهه کان منع ڪرڻ صدقو آهي ۽ انهن سڀني جي طرفان چاشت جي نماز جون **2** رڪعتون ڪافي آهن.[(2)] هڪ حديث شريف ۾ آهي: جنهن چاشت جون **12** رڪعتون پڙهيون، اللہ پاڪ ان جي لاءِ جنت ۾ سون جو محل تيار ڪندو.[(3)]

وہ تو نہایت سستا سودا بیچ رہے ہیں جنّت کا
ہم مفلس کیا مول چکائیں، اپنا ہاتھ ہی خالی ہے (4)

1...تفسير ڪبير ، پاره:30، سورة الضحیٰ، زير آيت:1، جلد:11، صفحه:190۔
2...مسلم، كتاب صلاة المسافرين وقصرها، باب استحباب صلاة الضحیٰ...الخ، صفحه:262، حديث:720۔
3...ترمذی، ابواب الوتر، باب ما جاء فی صلاة الضحیٰ، صفحه:141، حديث:473۔
4...حدائق بخشش، صفحه:186۔

سُبْحٰنَ اللّٰه! هن مان معلوم ٿيو تہ چاشت جو وقت تمام گهڻي فضيلت وارو آهي ۽ الله پاڪ پنهنجي محبوبِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شان بيان ڪرڻ کان پهريان هن وقت جو قسم بہ کَنيو آهي. تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ ان وقت ۾ نماز پڙهون، چاشت جا نفل ادا ڪندا رهون. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! تمام گهڻيون برڪتون نصيب ٿينديون.

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ سورت وَالضُّحٰى جي شروعات ۾ **2** قسم ارشاد فرمايا آهن: **(1):** هڪ ضُحٰى جو قسم **(2):** لَيْل جو قسم. هتي اهي ٻئي قَسم کڻڻ مان ڇا مراد آهي؟ مفسرينِ ڪرام انهن جون ڪيتريون ئي معنائون بيان ڪيون آهن پر مان اوهان جي سامهون فقط **3** معنائون پيش ڪريان ٿو:

## (1): حق جي واضح ٿيڻ جو وقت ۽ معراج جي رات

مفسرينِ ڪرام فرمائن ٿا: حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام فرعون جي جادوگرن سان جيڪو مقابلو ڪيو هو ۽ حق کي روشن ڏينهن جيان واضح ڪيو هئائون، اهو مقابلو چاشت جي وقت ٿيو هو، هِن جاءِ تي يعني وَالضُّحٰى ۾ اُهو ئي چاشت جو وقت مراد آهي.[1] ۽ وَالَّيْل مان معراج جي رات مراد آهي.[2]

يعني مطلب اهو ٿيو تہ اي محبوبِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جنهن وقت حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام حق کي واضح ڪيو هو ۽ فرعون جهڙي وڏي ڪافر جو غرور مٽي ۾ ملايو هو، ان ڪافر جو آڪڙيل ڪَنڌُ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي معجزي کي ڏسي لٽڪي پيو هو ۽ ڪيس انتهائي شرمناڪ شڪست ملي هئي، اي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ان وقت جو قسم! اوهان جي رب نہ اوهان کي ڇڏيو آهي، نہ ئي اوهان کان ناراض ٿيو آهي.

اهڙي طرح اي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! عنقريب هڪ رات اچڻ واري آهي

---

1...تفسير كبير ، پاره:30، سورة الضحىٰ، زير آيت:1، جلد:11، صفحہ:191 خلاصةً۔
2...تفسير قرطبى، پاره:30، سورة الضحىٰ، زير آيت:1، جز:20، جلد:10، صفحہ:55 ۔

۞ جڏهن عالَمِ بالا کي سينگاريو ويندو ۞ آسمانن ۾ ڏُمُون مچنديون ۞ خوشيون ئي خوشيون هونديون ۞ جبرائيل اَمين عَلَيْهِ السَّلَام اوهان وٽ ايندا ۞ بُراق موڪليو ويندو ۞ اوهان کي گهوٽ بڻايو ويندو ۞ مسجدِ اقصيٰ ۾ اڳين نبين کان اوهان جو استقبال ڪرايو ويندو ۞ اوهان کي امامُ الانبياء بڻايو ويندو ۞ آسمانن جي سير ڪرايو ويندو ۞ جنت ڏيکاري ويندي ۽ ۞ اهو رب ڪريم جيڪو غَيْبُ الغيب آهي، سڀ کان وڏو غيب آهي، جنهن جي ديدار جي تمنا حضرت موسيٰ عليه السلام ڪئي هئي ته اُنَ کي لَنْ تَرَانِي (اي موسيٰ! تون مون کي نه ڏسي سگهندين) فرمايو ويو هو، اهو رب ڪريم پنهنجي حُسنِ ازل تان پردو کڻندو، اوهان کي عين بيداري جي حالت ۾ ظاهري اکين سان پنهنجو ديدار ڪرائيندو، اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ان مبارڪ رات جو قسم! اوهان جي رب نه اوهان کي ڇڏيو آهي، نه ئي اوهان کان ناراض ٿيو آهي.

تُو نائِبِ خُدا ہے، محبوبِ کبریا ہے | ہے مُلک میں خُدا کے جاری نظام تیرا
چوتھے فلک پہ عیسیٰ اور طُور پر تھے موسیٰ | کرسی و عرش سے بالا مقام تیرا
تُو پیشوا ہے سب کا، سب مقتدی ہیں تیرے | اَقْصیٰ میں کیسے بنتا کوئی امام تیرا
دشمن گھٹائیں جتنی عزت بڑھے گی اتنی | منظور ہے خُدا کو احترام تیرا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (2): عِلمِ مصطفيٰ ۾ سندن معاف ڪرڻ جي مبارڪ عادت

ڪجهه مفسرينِ ڪرام فرمايو: وَالضُّحٰى مان علمِ مصطفيٰ جو نور ۽ وَالَّيْل مان سندن عفو ۽ درگذر مراد آهي.[1]

يعني اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ۞ اوهان جو اهو مبارڪ علم جيڪو اوهان جي سيني ۾ رکيو ويو آهي ۞ قرآن ڪريم جو علم ۞ الله پاڪ جي

1... تفسير ڪبير ، پاره:30، سورة الضحيٰ، زير آيت:1، جلد:11، صفحه:192.

معرفت جو علم ۞ الله پاڪ جي ذات ۽ صفات جو علم ۞ ڳُجهَن رازن جو علم ۞ قيامت تائين ٿيڻ وارن واقعن جو علم ۞ مَاكَانَ وَمَايَكُوْنُ (يعني جيڪو ٿي چڪو آهي، جيڪو ٿيندو، ان جو) علم ۞ اهو مبارڪ علم جنهن جي نور سان دنيا روشن ٿي وئي ۞ اهو مقدس علم جنهن جهالت جي اونداهي کي دور ڪري ڇڏيو ۞ اهو بي مثال علم جنهن جي برڪت سان جهالت جي اونداهين ۾ ٻڏل ماڻهو روشني حاصل ڪري قيامت تائين اچڻ وارن جا امام ۽ پيشوا بڻجي ويا ۞ اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان جي ان علم جي روشني جو قسم! اوهان جي رب نه اوهان کي ڇڏيو آهي، نه ئي اوهان کان ناراض ٿيو آهي.

اهڙي طرح جڏهن رات ڇانئجي ويندي آهي ته هر شيءِ کي ڍڪي ڇڏيندي آهي ۞ اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان جي اها معاف ڪرڻ واري عادت جيڪا مجرمن جا جرم مِٽائي ڇڏيندي آهي ۞ اوهان جي اها رحمت واري ادا ته نَنهَن کان چوٽِيءَ تائين گناهن جي ڪاراڻ ۾ ٻڏل ماڻهو اوهان وٽِ ايندا آهن ۽ اوهان کين پنهنجي رحمت واري دامن ۾ آڻي سندن سڀ گناهه لڪائي ڇڏيندا آهيو ۞ اي پيارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان کي منهنجن ٻانهن سان اِها جيڪا محبت آهي ۞ اوهان جيڪو انهن سان رحمت ڀريو سلوڪ فرمائيندا آهيو ۞ اوهان جي اُن شانِ رحمت ۽ ڪرم جو قسم! اوهان جي رب نه اوهان کي ڇڏيو آهي، نه ئي اوهان کان ناراض ٿيو آهي.

اَللّٰهُ اَكْبَر! اي عاشقانِ رسول! هتي غور ڪريو! اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عفو ۽ ڪرم جو ڪهڙو نه نرالو شان آهي جو سندن رب ڪريم انهن جي هن رحمت ۽ شفقت واري ادا جو قسم کڻي رهيو آهي.

وسعتیں دِی ہیں خُدا نے دامنِ محبوب کو | جرم کھلتے جائیں گے اور وہ چھپاتے جائیں گے (1)

اعليٰ حضرت جا ڀاءُ مولانا حسن رضا خان صاحب رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا:

1...حدائق بخشش، صفحه:156.

میں ہوں، میں ہوں اپنی اُمّت کے لئے | کیا ہی پیارا پیارا یہ ارشاد ہے
وہ شفاعت کو چلے ہیں پیشِ حق | عاصیو! تم کو مبارکباد ہے
جس کو اس در کی غلامی مل گئی | وہ غمِ کونین سے آزاد ہے
کون سے دِل میں نہیں یادِ حبیب | قلبِ مؤمن مصطفٰے آباد ہے (1)

## عفوءِ ڪَرَم جا ڪجھ مثال

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي معاف ڪرڻ واري مبارڪ عادت جي ته ڇا ڳالهه ڪجي ...!! ۞ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٻنهي جهانن جي لاءِ رحمت بڻجي تشريف ڪٺي آيا ۞ سندن طبيعت مبارڪ تي رحمت، نرمي ۽ عفو ۽ ڪرم جو هميشه غلبو رهندو هو ۞ غور ته ڪريو! طائف جو اهو دردناڪ سفر جنهن ۾ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اَهلِ طائف کي جهنم کان بچائڻ ۽ جنت جو حقدار بڻائڻ جي لاءِ نيڪي جي دعوت ڏيڻ ويا هئا، انهن ئي ماڻهن پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي مَعَاذَالله! پٿر وسايا، جسمِ مبارڪ کي رتوڇاڻ ڪري ڇڏيو، ان جي باوجود به جڏهن جبلن جو فرشتو حاضر ٿيو، عرض ڪيائين: يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حڪم ڪريو ته ٻنهي جبلن کي پاڻ ۾ مِلائي انهن کي فنا ڪري ڇڏيان؟ فرمايائون: نه...!! مان نه ٿو چاهيان ته اهي هلاڪ ٿين.(2) ۞ اهڙي طرح غزوهءِ حُنين جي موقعي تي پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ عرض ڪيو ويو: يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! هنن جي لاءِ بددعا فرمايو! پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هينئن دعا ڪئي: اَللّٰهُمَّ اهْدِ ثَقِيفًا(3) اي الله پاڪ! ثقيف وارن کي هدايت عطا فرماءِ ۞ هند بنتِ عتبه اها عورت آهي جنهن پياري آقا جي پياري چاچي حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو **جيرو** ڪڍي چٻاڙيو هو، فتح مڪه جي موقعي تي هُوءَ نقاب پائي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي، ڪلمو پڙهي، اسلام ۾ داخل ٿي وئي، پوءِ پنهنجي چهري تان نقاب هٽائي چيائين: مان هند

---

1...ذوقِ نعت، صفحہ:223 ملتقطًا۔
2... بخاری، کتاب بدء الخلق، باب اذا قال احدکم آمین...الخ، صفحہ:828، حدیث:3231 خلاصۃً۔
3... ترمذی، ابواب المناقب...الخ ، باب مناقب فی ثقیف...الخ، صفحہ:882، حدیث:3944۔

بنتِ عتبہ آهيان يعني اها ئي عورت آهيان جنهن اوهان جي چاچي جو **جيرو** چباڙيو هو. ان تي پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪجهه بہ نہ فرمايو، تورو بہ غصي يا نفرت جو اظهار نہ ڪيائون، اهڙي نرالي اخلاق، عفو ۽ ڪرم جي هيءَ مبارڪ ادا ڏسي هند بنتِ عتبہ رَضِیَ اللّٰهُ عنها عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اڳ ۾ مون کي اوهان کان وڌيڪ ٻئي ڪنهن کان بہ نفرت نہ هئي پر هاڻي سموري ڌرتيءَ تي اوهان کان وڌيڪ مون کي پيو ڪو بہ محبوب نہ آهي.(1)

سو بار ترا ديکھ کر عفو اور ترَحُّم | ہر باغی و سرکش کا سر آخر کو جُھکا ہے

اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه لکن ٿا:

تم کرم سے مشتری ہر عیب کے | جنسِ نامقبول ہر بازار ہم
اپنی رحمت کی طرف دیکھیں حُضُور | جانتے ہیں جیسے ہیں بدکار ہم (2)

**وضاحت:** مشتري: يعني خريدار. جنس نامقبول: يعني اهڙي شيءِ جنهن کي ڪو بہ نہ خريدي. اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه عرض ڪري رهيا آهن: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اهو جنهن کان دنيا ۾ ڪو پڇڻ وارو بہ نہ هوندو آهي، توهان ان تي بہ ڪرم فرمائيندا آهيو، ان کي بہ پنهنجي رحمت جي دامن ۾ لڪائيندا آهيو ۽ پنهنجي رحمت سان قبول ڪندا آهيو، پر هتي اسان جو حال اهو آهي جو اسان گندا بہ آهيون، نِڪما بہ آهيون، ڪنهن بازار ۾ اسان جو ڪو خريدار ئي ناهي، توهان گنهگارن کي قبول فرمائڻ وارا ۽ اسان سڀ کان وڏا گنهگار ...!! يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! پنهنجي رحمت ڏانهن ڏسو ۽ اسان گنهگارن کي پنهنجي دامنِ ڪرم ۾ لڪائي ڇڏيو!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (3): چهرهءِ پُرنُور ۽ زُلفِ مقدس

پيارا اسلامي ڀائرو! وَالضُّحٰى ۽ وَالَّيْل جي ٽِين معنيٰ تمام گهڻي خوبصورت

1... بخاری، کتاب مناقب الانصار، باب ذکر ہند بنت عتبہ...الخ، صفحہ:963، حدیث:3825۔
2... حدائق بخشش، صفحہ:82-83 ملتقطاً۔

۽ ايمان افروز آهي، عُلماءِ ڪرام فرمائن ٿا: هن مقام تي ضُحیٰ (يعني چاشت جي وقت) مان پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو پيارو پيارو، روشن روشن، چمڪندڙ چهرو مبارڪ مراد آهي ۽ لَيۡل مان پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي پياري پياري ڪارين زُلفَن ڏانهن اشارو آهي.[1] مطلب اهو آهي ته اي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اسان ڪي اوهان جي چهرهءِ پُرنور جو قسم! اوهان جي پيارين پيارين زُلفن جو قسم! توهان جي رب نه توهان کي ڇڏيو آهي، نه توهان کان ناراض ٿيو آهي.

ہے کلامِ اِلٰہی میں شمس و ضحیٰ تیرے چہرۂ نُور فزا کی قسم
قسمِ شبِ تار میں راز یہ تھا کہ حبیب کی زلفِ دوتا کی قسم ( 2 )

**وضاحت:** اي منهنجا نور وارا آقا! قرآن مجيد ۾ وَالشَّمۡس ۽ وَالضُّحٰیفرمائي الله پاڪ اوهان جي چهرهءِ انور جو قسم کنيو آهي ۽ وَالَّیۡلِ اِذَا سَجٰی فرمائي اوهان جي خمدار (وَڪڙ ڪاڏل) پيارين پيارين زُلفَن جو قسم کنيو آهي.

هڪ ٻي جاءِ تي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه لکن ٿا:

جیسے قرآن ہے وِرد اس گُلِ محبوبی کا
یُوں ہی قرآں کا وظیفہ ہے وقارِ عارِض ( 3 )

**وضاحت:** هن شعر جي وضاحت ڏاڍي خوبصورت آهي، ٿورو تصور ڪيو! مسجدِ نبوي شريف آهي، اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تشريف فرما آهن، مصحف مبارڪ يعني قرآن ڪريم سامهون آهي، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تلاوت فرمائي رهيا آهن:

وَالضُّحٰی ۙ﴿۱﴾ وَالَّیۡلِ اِذَا سَجٰی ۙ﴿۲﴾

1... تفسير ڪبير ، پاره:30، سورة الضحیٰ، زير آيت:1، جلد:11، صفحه:191.
2... حدائق بخشش، صفحه:80.
3... حدائق بخشش، صفحه:71.

الله! الله! آقا ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قرآن پاڪ جي تلاوت فرمائي رهيا آهن ۽ قرآن چا چئي رهيو آهي: اي محبوب! اوهان جي رخِ روشن جو قسم! اوهان جي مبارڪ زُلفن جو قسم!

اها صرف هڪ تصور ڪرڻ جي ڳالهه آهي جيڪا اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائي رهيا آهن ته جهڙي طرح اسان جا پيارا نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صبح ۽ شام، ڏينهن ۽ رات قرآن پاڪ جي تلاوت فرمائيندا آهن، بلڪل اهڙي طرح سندن رخسار مبارڪ جو ذڪر ڪرڻ قرآن پاڪ جو وظيفو آهي.

**پيارا اسلامي ڀائرو!** هُونئَن ته اسان جا نبي سڳورا صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سراپا معجزو آهن، پر هتي جيئن ته رُخِ انور ۽ مبارڪ زُلفَن جو ذڪر ٿيو آهي، تنهنڪري اچو ته چهرهءِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪجهه تذڪرو ٻڌون، زلفِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪرِ خير اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! ايندڙ جمعي تي ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين.

## رُخِ پُرنُور ڪيئن هو...؟

پياري آقا، نور واري مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو چَهرو مبارڪ تمام گهڻو پيارو ۽ خوبصورت هو ۞ سندن پيشاني مبارڪ ڪشادي، چمڪندڙ ۽ روشن هئي ۞ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون ڀِرُون مبارڪ (ابرو مبارڪ) ڪمان جيان خمدار، ڊگهيون ۽ سَنهيون هيون ۞ ٻنهي ڀِرُن مبارڪ جي وچ ۾ هڪ رَڳ هئي، جيڪا جلال جي وقت اُڀري پوندي هئي.[1] ۞ اکيون مبارڪ نهايت ئي ڪاريون هيون، اکين جي اَڇاڻ وارو حصو تمام گهڻو اڇو هو ۞ جتي ڇِپَرَ (يعني پلڪون) پاڻ ۾ ملنديون آهن، اُتي ڳاڙهي رنگ جا لِيڪا هئا ۞ سندن مبارڪ اکيون قدرتي طور سُرمائِي (سُرمي جي رنگ جهڙيون) هيون، جيڪو ڏسندو هو، تنهن کي ائين لڳندو هو جڻ تازو تازو سرمو پاتو اٿن.[2] ۞ مبارڪ ڇِپَرَ(پَلڪُون) خوبصورت ۽ ڊگهيون هيون [3] ۞ نڪ

1... شمائل ترمذی، باب ما جاء فی خلق رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم ، صفحہ:13، حدیث:8۔
2...ترمذی، ابواب المناقب...الخ، باب فی صفۃ النبی صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم، صفحہ:833، حدیث:3654-3655 ملتقطاً۔
3... شمائل ترمذی، باب ما جاء فی خلق رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم ، صفحہ:11، حدیث:7۔

مبارڪ مٿانهينءَ طرف مائل ۽ سَنهو هو، وچ وارو حصو ٿورو بلند هو، ان تي هر وقت نور چمڪندو رهندو هو.(1) ۞ ڳَلَ (رُخسار) مبارڪ پُورا (2) ۽ چمڪدار هئا (3) ۞ لَب مبارڪ سنها، نرم، نازڪ ۽ ڳاڙهاڻ مائل هئا (4) ۞ ڏند مبارڪ انتهائي اڇا ۽ چمڪندڙ هئا، انهن ۾ مناسب حد تائين وِٿي هئي، جڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گفتگو فرمائيندا هئا تہ ڏندن مان نور جون لاٽُون نڪرنديون نظر ايندیون هيون.(5) ۞ ڏاڙهي مبارڪ گهاٽِي هئي، ڏيگهہ ۾ هميشہ هڪ مُٺِ جي برابر هوندي هئي ۽ ويڪر ۾ سيني پاڪ کي گهيري رکندي هئي.(6) ۞ مطلب تہ چهرو مبارڪ، ان جو هڪ هڪ عضوو، هڪ هڪ حصو نهايت خوبصورت هو، صحابہءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان چهري مبارڪ جو حسن بيان ڪرڻ جي لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ان کي وَرَقَةُ مُصْحَف (قرآن ڪريم جو ورق) چوندا هئا. (7) يعني پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو چهرو مبارڪ پنهنجي صفائي، حسن ۽ خوبصورتي ۽ چمڪ دمڪ ۾ قرآن ڪريم جي ورقن مثل هو ۞ حضرت ابوهريره رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: مون رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان وڌيڪ حَسِين ڪنهن کي بہ نہ ڏٺو سندن چهرو مبارڪ ايترو تہ نوراني هو جو ائين لڳندو هو جڻ تہ سندن نوراني چهري ۾ سج چمڪي رهيو آهي. (8)

اللهُ! اللهُ! اُن چهرهءِ پُرنور جي ڪيتري تعريف ڪجي ۞ الله پاڪ اُن چهرهءِ پُرنور کي بہ معجزو بڻايو هو ۞ سندن چهرو اَنور ئي سندن نبوت جو وڏو دليل هو. حضرت عبد الله بن رواحہ رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ صحابيءِ رسول آهن ۽ دربارِ نبوت جا نعت گو شاعر آهن، پاڻ فرمائن ٿا:

---

1... شمائل ترمذی، باب ما جاء فی خلق رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم ، صفحه:13، حديث:8۔
2... سبل الهدیٰ والرشاد، الباب السابع فی صفة انفه الشريف و خديه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم ، جلد:2، صفحه:29۔
3... العِقد الفريد، اخبار المغنين، المسدود وزنين وديس، جلد:7، صفحه:45۔
4... سبل الهدیٰ والرشاد، الباب الثامن فی صفة فمه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم ولسانه، جلد:2، صفحه:33۔
5... شمائل ترمذی، باب ما جاء فی خلق رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم ، صفحه:15، حديث:17۔
6... الثفا، القسم الاول، الباب الثانی فی تکميل الله تعالیٰ له المحاسن...الخ، جز:1، صفحه:54۔
7... بخاری، کتاب الاذان، باب اہل العلم والفضل احق بالامامة، صفحه:229، حديث:680۔
8... ترمذی، ابواب المناقب...الخ، باب صفة النبی صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم، صفحه:833، حديث:3657۔

لَو لَمْ يَكُنْ فِيْهِ اٰيَاتٌ مُبَيِّنَةٌ | كَانَتْ بَدَاهَتُهُ تُنْبِيكَ عَنْ خَبَرِهٖ

يعني جيڪڏهن حضور پُرنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کو بيو معجزو نہ بہ ڏيکارن ها، تڏهن بہ سندن نبي هجڻ تي سندن حُسن جو نظارو ئي سڀ کان وڏو دليل هو.[(1)]

## هي الله پاڪ جا سچا نبي آهن

امام ابو نعيم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي ڪتاب دَلَائِلُ النُّبُوَّه ۾ روايت ذڪر ڪئي آهي تہ اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بي مثال ۽ بي نظير ننڍپڻ جو زمانو هو، 2 سالن جي عمر مبارڪ هئي، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت حليمہ سعديہ رَضِيَ اللهُ عَنْها وٽ تشريف فرما هئا، هڪ ڏينهن حضرت حليمہ سعديہ رَضِيَ اللهُ عَنْها پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪٽي مڪہ مڪرمہ ڏانهن وڃي رهيون هيون تہ رستي ۾ هڪ جاءِ تي حبشہ جا ڪجهہ ماڻهو ساڻس مليا، جڏهن سندن نظر رخِ مصطفيٰ تي پئي تہ بس ڏسندا ئي رهجي ويا.

اُن کے جلووں میں ہیں وہ دلچسپیاں | جو وہاں پہنچا وہیں کا ہو گیا (2)

راوي چوي ٿو: اهي حبشہ جا ماڻهو تِڪَ ٻڌي ديدارِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لذت ۾ مدهوش رهيا ۽ بي اختيار سندن زبان مان نڪتو: هٰذَا وَاللّٰهِ نَبِيٌّ خدا جو قسم! هي الله پاڪ جا نبي آهن.[(3)]

سَر سے پا تک ہر ادا ہے لاجواب | خوبرُویوں میں نہیں تیرا جواب
حُسن ہے بےمثل صُورت لاجواب | میں فِدا تم آپ ہو اپنا جواب (4)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... تفسير روح المعانى ،پاره 18 ،سورۂ نور ، تحت الآية :35 ،جزء:18 ، صفحہ :495۔
2... ذوقِ نعت ،صفحہ:35۔
3... دلائل النبوة لابى نعيم، الفصل الحادى عشر فى ذكر نشوه و تصرف ، صفحہ: 91 ،رقم:97 ملتقطاً۔
4... ذوقِ نعت ،صفحہ:88۔

## ايمان دل ۾ گهر ڪَري ويو

حضرت ابو رافع رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ مڪ مڪرمہ ۾ رهندا هئا، هڪ دفعي قريش جي ڪافرن ڪين پنهنجو قاصد بڻائي بارگاهِ رسالت ۾ موڪليو، فرمائن ٿا: جڏهن مان رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿيس، بس سندن حَسِين چهري تي نظر پوڻ جي دير هئي ۽ اسلام منهنجي دل ۾ لهي ويو.[1]

جس سے تاریک دل جگمگانے لگے | اس چمک والی رنگت پہ لاکھوں سلام[2]

حضرت ابو رُمثہ تميمي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ پنهنجي پٽ کي ساڻ ڪري حاضر ٿيا، ماڻهن کان پڇيائون: رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪٿي تشريف فرما آهن؟ جڏهن ماڻهن کين ٻڌايو تہ فرمايائون: مان جيئن ئي ٻنهي جهانن جي سردار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي چهرهٔ انور کي ڏٺو تہ بي اختيار منهنجي زبان مان نڪتو: هٰذَانَبِیُّ اللّٰهِ هي تہ الله پاڪ جا نبي آهن.[3]

دیکھنے والے کہا کرتے ہیں: اللہ! اللہ! | یاد آتا ہے خُدا دیکھ کے صُورت تیری[4]

## اَزلي ڪافر حُضُور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڏسي ئي نہ سگهيا

جي ها! اَبُو لَهب ۽ اَبُوجِهل جهڙا ازلي ڪافر، جيڪي ضدي ۽ هٺ ڌرم هئا، جن جي دلين ۾ بغض ۽ عداوت هئي، اصل ۾ اهي بدبخت حضور اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڏسي ئي نہ سگهيا، سندن دلين تي بُغض جو ايترو تہ اَنڌُ چانيل هو جو اُهي چهرهٔ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي جڳ مڳ جڳ مڳ ڪندڙ نورِ نبوت ڏسي ئي نہ سگهيا، الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ تَرٰىهُمْ يَنْظُرُوْنَ اِلَيْكَ وَ هُمْ لَا يُبْصِرُوْنَ ﴿۱۹۸﴾ (پارو :9، سورۃالاعراف:198) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ توهان انهن کي ڏسو (تہ ائين لڳندو) جو اهي توهان ڏانهن ڏسي رهيا آهن، حالانڪ انهن کي ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي. |

1... ابو داؤد ،کتاب الجہاد ،باب فی الامام یستجن بہ فی العہود ،صفحہ: 441 ،حدیث:2758۔
2... حدائق بخشش، صفحہ:301۔
3... شمائلِ محمدیہ ،باب ما جاء فی شیب رسول اللہ ،صفحہ:25 ،رقم:43۔
4... ذوقِ نعت ،صفحہ :248۔

**تفسير صراط الجنان ۾ آهي:** هن آيت مان معلوم ٿيو ته صرف ظاهري نظرن سان حضور پُرنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏسڻ حقيقي طور تي فائديمند نه آهي، پر نگاهِ بصيرت سان ڏسڻ فائديمند آهي.(1)

آنکھ والا ترے جوبن کا تماشا دیکھے | دیدۂ کور کو کیا آئے نظر کیا دیکھے؟

اي ڪاش! ڪڏهن، ڪنهن ڏينهن اسان جي به قسمت جاڳي پئي، سُجاڳيءَ ۾ يا خواب ۾ ئي رخِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت نصيب ٿي وڃي ته اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دنيا ۽ آخرت سنورجي ويندي- الله پاڪ اسان کي ايمان ۽ عافيت سان زيارتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سعادت نصيب فرمائي-

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جلوۂ یار اِدھر بھی کوئی پھیرا تیرا | حسرتیں آٹھ پہر تکتی ہیں رستہ تیرا (2)

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان سورة والضُّحٰی جي پهرين ۽ ٻي آيت جي ڪجھ تفسيري معنائن کي ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي آهي، ايندڙ جمعي تي اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! سورة والضُّحٰی جي ٻي آيت مبارڪ: وَالَّيْلِ اِذَا سَجٰى ﴿۲﴾ جي معنيٰ ۽ تفسير ٻڌڻ جي سلسلي ۾ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ زُلفن جون فضيلتون ۽ برڪتون ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين- الله پاڪ اسان کي اخلاص سان، عشق ۽ محبت ۾ ٻڌي ذِڪرِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪندي، ٻڌڻ جي توفيق عطا فرمائي- اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مدني قاعده (*Madani Qaida*) موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ***I.T*** ڊپارٽمينٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن

1... صراط الجنان، پاره:9، سورة الاعراف، زيرِ آيت:198، جلد:3، صفحه:501-502-
2... ذوقِ نعت، صفحه:23-

جو نالو آهي: مدني قاعده (*Madani Qaida*) هن ايپلي ڪيشن ۾ مڪمل مدني قاعدو ۽ ان جي آڊيو (*Audio*) شامل ڪئي وئي آهي، يعني هن ايپلي ڪيشن ۾ توهان جنهن حرف يا جنهن به لفظ تي ڪلڪ (*Click*)ڪندا، آڊيو (*Audio*)۾ ان جو تلفظ هلندو، اهڙي طرح هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان اوهان آسانيءَ سان مدني قاعدو پڙهي سگهو ٿا ۽ اُن جي مشق (*Practice*) ڪري درست مخارج ۽ ضروري تجويد سکي سگهو ٿا. هيءَ ايپلي ڪيشن پنهنجي سمارٽ فون ۾ انسٽال ڪريو، پاڻ به فائدو وٺو ۽ ٻين ڪي به ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**بيان ڪي ختم ڪندي، هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:**

## درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام جي ذهنن ۾ پلجندڙ غلط فهمي جي نشاندهي)

**مسئلو:** ڇا ربيع الاول جي آمد جي مبارڪ ڏيڻ سان جنت واجب ٿي ويندي آهي؟

**وضاحت:** ربيع الاول شريف جي آمد جي خوشي ملهائڻ ۽ چرچو ڪرڻ تمام سنو عمل آهي، ڇو ته هن مبارڪ مهيني ۾ الله پاڪ نبيءِ آخرالزمان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هن دنيا ۾ موڪلي مومنن تي احسان فرمايو، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تشريف آوري يقيناً مسلمانن جي لاءِ نعمتِ عظميٰ آهي ۽ نعمت جو چرچو ڪرڻ بابت الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ ارشاد فرمايو آهي ته:

وَ اَمَّا بِنِعْمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثْ ﴿۱۱﴾
(پارو:30، سورة والضحىٰ:11)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ پنهنجي رب جي نعمت جو خوب چرچو ڪر.

پر جيڪو سيني ڪان اڳ ۾ ڪنهن کي ربيع الاول جي مبارڪ ڏيندو، ان جي لاءِ جنت واجب ٿي ويندي اهڙي ڪابه روايت موجود نه آهي، بلڪ اهڙيون ڳالهيون اڪثر ڪري هَٿَ ٺوڪيون (يعني پنهنجي طرفان ٺاهيل) هونديون آهن ۽ هٿ جي ٺاهيل ڳالهه ڄاڻي واڻي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ڏانهن منسوب ڪرڻ حرام آهي، حديث پاڪ ۾ آهي: مَنْ كَذَبَ عَلَيَّ مُتَعَمِّدًا فَلْيَتَبَوَّأْ مَقْعَدَهُ مِنَ النَّارِ يعني جنهن مون ڏانهن ڄاڻي واڻي ڪُوڙي ڳالهه جي نسبت ڪئي، اُهو پنهنجو ٺڪاڻو جهنم ۾ ٺاهي ڇڏي.[1]

۽ بغير تحقيق ۽ تصديق ڪرڻ جي هر ٻُڌل ٻُڌايل ڳالهه اڳتي وَڌائڻ نه گهرجي، حديث پاڪ ۾ آهي: كَفٰى بِالْمَرْءِ كَذِبًا اَنْ يُّحَدِّثَ بِكُلِّ مَا سَمِعَ يعني انسان جي ڪوڙو هجڻ لاءِ اهو ئي ڪافي آهي ته هو هر ٻُڌَل ٻُڌايل ڳالهه کي اڳتي بيان ڪري ڇڏي.[2] تنهنڪري اهڙين روايتن تي مشتمل ميسيجز ۽ پوسٽس *(Messages & Posts)* کي شيئر ڪرڻ کان بچڻ تمام ضروري آهي.[3] اللّٰه پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## اَسمَاءُ الحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

## يَاحَفِيْظُ

جيڪو شخص روزانو **16** دفعا يَاحَفِيْظُ پڙهندو، اهو هر طرح سان بهادر رهندو.[4]

اللّٰه پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

1... بخارى، كتاب العلم، باب اثم من كذب على النبى، صفحہ:103، حديث:110۔
2... مسلم ، المقدمۃ، باب النہی عن الحديث بكل ما سمع، صفحہ:12، حديث:5۔
3... دَارُالاِفْتَاء اَہْلسُنَّت ، غير مطبوعہ، فتاویٰ نمبر:Pin-4893 ۔
4... مدنی پنج سورہ، صفحہ:251۔